# قرآن پاڪ

## جي اهميت

**16-May-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# قرآن پاڪ جي اهميت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)-

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ ابدِقرار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جِبريل (عَلَيه السَّلام) مون کي عرض ڪيو ته رَبّ ڪريم فرمائي ٿو: اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڇا توهان هن ڳالھ تي راضي نه آهيو ته توهان جو اُمَّتي

توهان تي هڪ ڀيرو دُرُود موڪلي، مان ان تي ڏهه رحمتون نازل ڪيان، ۽ اوهان جي اُمَّت مان جيڪو هڪ سلام موڪلي، مان ان تي ڏهه سلام موڪليان- (مشڪاة،ڪتاب الصلاة ،باب الصلاة علي النبي وفضلها،١/١٨٩،حديث:٩٢٨ملتقطا)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ''رَبّ (ڪريم) جي سلام موڪلڻ مان مُراد يا ته مَلائڪن جي ذريعي ان کي سلام چورائڻ آهي يا آفتن ۽ مُصيبتن کان سلامت رکڻ-'' (مرآةالمناجيح،٢/١٠٢)

دُنياوآخِرت ميں جب ميں رهوں سلامت پيارے پڑھوں نہ کيوں کر تم پر سلام هر دم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي

سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي خوش قسمتي آهي جو رمضان المبارڪ** جو رحمتن ڀريو مهينو اسان جي وچ ۾ جلوه گر آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه هن مُبارڪ مهيني ۾ ڪيئي عاشقانِ رسول **نماز**، روزو، **تراويح** وغيره ۾ مشغول ٿي ويندا آهن- اهڙي طرح هڪ تعداد آهي جيڪي هن مهيني ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن پاڪ جي سعادت ماڻيندا آهن- رمضان شريف کي قرآنِ پاڪ سان هڪ خاص نسبت حاصل آهي، هي ئي اهو محترم ۽ مڪرم مهينو آهي جنهن جي شبِ قدر ۾ قرآنِ پاڪ لوحِ محفوظ کان آسمانِ دنيا ڏانهن نازل ڪيو ويو- (صراط الجنان، ۱۰/۷۷۴) يقيناً قُرآنِ پاڪ اسان جي لاءِ اللّٰه پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي.

بهارِ شريعت ۾ آهي: ڪوڙ نبين تي اللّٰه تعاليٰ صحيفا ۽ آسماني ڪتاب نازل ڪيا، انهن مان چار ڪتاب گهڻا مشهور آهن: ”تورات“ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام تي، ”زبور“ حضرت داؤد عَلَيه السَّلَام تي، ”اِنجيل“ حضرت عيسيٰ عَلَيه السَّلَام تي، ”قرآنِ عظيم“ جيڪو سڀ کان افضل ڪتاب آهي، سڀ کان افضل رسول حضور پُرنور احمدِ مجتبيٰ محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو- **ڪلامِ الٰهي ۾ ڪجهه جو ڪجهه کان افضل هئڻ جي معني هي آهي تہ اسان جي لاءِ انَ ۾ ثواب گهڻو آهي، نہ تہ اللّٰه (پاڪ) هڪ، اُن جو ڪلام هڪ، ان ۾ افضل ۽ مفضول جي گنجائش ناهي**-(بهارِ شريعت،۲۹/۱، حصه اول)

قرآنِ پاڪ روشن نُور ۽ واضح حق آهي- اللّٰه ڪريم قرآنِ پاڪ سڀجي مخلوق جي سردار، ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل فرمايو- اهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سڀ کان وڏو معجزو آهي- اِنْ شَآءَالله اڄ اسان ان جي اهميت، ان جي فضيلتن ۽ فائدن ۽ بزرگانِ دِين جي قرآن ڪريم سان محبت جي واقعن سان گڏوگڏ ٻيا ڪوڙ مدني گل ٻڌڻ جي سعادَت حاصل

ڪنداسين- اي ڪاش! سڄو بيان ڇڱين نيتن ۽ مڪمل توجهه سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! سڀ کان پهريان قُرآنِ ڪريم بابت هڪ زبردست حڪايت ٻڌون ٿا:

## ماءُ ۽ پٽن جي تلاوت جو معمول

حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ حضرت حسن بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي ٻئي ڀائر هئا- انهن جي گهر ۾ روزانو رات ۾ هڪ قرآن پاڪ ختم ڪيو ويندو هو- قرآنِ پاڪ جو هڪ حصو حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تلاوت ڪندا هئا، ٻيو حصو سندن ڀاءُ حضرت حسن بن صالح تلاوت ڪندا هئا، جڏهن ته ٽيون آخري حصو سندن والده تلاوت ڪنديون هيون- اهڙي طرح سندن گهر ۾ روزانو هڪ ختم قرآن جي ترڪيب ٿيندي هئي- ڪجهه عرصي کان پوءِ سندن امڙ جو انتقال ٿي ويو- ان کان پوءِ اهي ٻئي ملي اڌ اڌ قرآن تلاوت ڪندا هئا ۽ ختمِ قرآن ڪندا هئا- پوءِ حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو به انتقال ٿي ويو ته حضرت حسن بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر رات اڪيلو مڪمل ختمِ قرآن ڪندا هئا-

هڪ شخص جيڪو حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات واري رات سندن وٽ هيو، اهو چوي ٿو ته جنهن رات حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات ٿي، انهن مون کي چيو: ڀاءُ! مون کي پاڻي پيئار- اهو شخص چوي ٿو ته مان ان وقت نماز ۾ مشغول هئس، سلام ڦيري مون پاڻي پريو ۽ ان وٽ کڻي ويس ۽ چيم: پاڻي حاضر آهي، پي وٺو- ته حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چوڻ لڳا: مون هينئر هينئر پاڻي پي ورتو آهي- مون حيران ٿي چيو: اوهان کي ڪنهن پاڻي پياريو؟ جڏهن ته ڪمري ۾ ته منهنجي ۽ اوهان جي علاوه ٽيون ته ڪو به نه آهي! اهو ٻڌي حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائڻ لڳا: الله پاڪ جي رحمت سان هيئنر هينئر حضرت سَيِّدُنا جبريل عَلَيْهِ السَّلَام پاڻي کڻي آيا ۽ انهن مون کي سيراب ڪيو ۽ مون کي اهو به فرمايائون: انبياء، صديقَ، شهيدَ ۽

صالحين عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله پاڪ انعام فرمايو آهي ۽ ٻُڌو! توهان، توهان جو پاءُ ۽ توهان جا والد بہ انهن ماڻهن مان آهن جن تي اللّٰه ڪريم جو انعام آهي، حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهو چيو پوءِ سندن روح پرواز ٿي ويو- (صفة الصفوة،الجزء الثالث،٢/ ١٠٠ بتغير)

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی!
گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ بزرگانِ دِين قرآن ڪريم جي اهميت کان چڱي طرح واقف هئا، ان ڪري هميشہ هن سانِ تعلقَ ٻڌائي رکندا هئا، هن جي تلاوت ڪندا هئا ۽ وڌ کان وڌ ختمِ قرآن جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا هئا- پنهنجن گهرن کي تلاوتِ قرآن سان مزين رکندا هئا جيئن تہ اوهان هينئر ٻڌو تہ حضرت علي، حضرت حسن ۽ انهن جي والده روزانو پنهنجي گهر ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا، اوهان اهو بہ ٻڌو تہ انهن کي انعام يافتہ ٻانهن ۾ شامل ٿيڻ جي خوش خبري ٻڌائي وئي-

**هڪ مدني گل** اهو بہ مليو تہ اهو ڪيترو خوش نصيب گهراڻو هو جو تلاوتِ قرآن جهڙي عظيم نيڪي ۽ عبادت ۾ هر هڪ ٻئي جو **مُعاون ۽ مددگار** بہ هو، جڏهن تہ انهن مان ڪو بہ نيڪين کان پوئتي رهڻ نہ پئي چاهيو، پر اڄ ائين تہ گهٽ نظر ايندو آهي، بلڪ هاڻي تہ بدقِسمتي سان نيڪي جي ڪمن ڏانهن قدم وڌائڻ واري جي **حوصلہ افزائي** جي بدران **دِل شڪني** ڪئي ويندي آهي، اي ڪاش! اسان بہ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جا مدد گار بڻجون-

اي ڪاش! اسان بہ پنهنجي گهرن کي تلاوتِ قرآن سان روشن ڪريون، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ گهرن کي تلاوتِ قرآن ڪري ۽ نمازون پڙهي آباد ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي- جيئن

نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پنهنجي گهرن کي قبرستان نہ ٺاهيو (يعني پنهنجي گهرن ۾ عبادت ڪريو) ۽ شيطان ان گهر کان پري

**پڄندو آهي جنهن ۾ ''سوره بقره'' جي تلاوت ڪئي ويندي آهي** (مسلم، ڪتاب صلاة المسافرين وقصرها، باب استحباب صلاة النافلة۔۔۔ الخ، ص۳۰۶،الحديث:۱۸۲۴)

اهڙي طرح آقا ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: **جنهن ڏينهن جي وقت پنهنجي گهر ۾ ''سوره بقره'' جي تلاوت ڪئي ته 3 ڏينهن تائين شيطان ان جي گهر جي ويجهو نه ايندو ۽ جنهن رات جي وقت پنهنجي گهر ۾ سوره بقره جي تلاوت ڪئي ته 3 راتيون ان گهر ۾ شيطان داخل نه ٿيندو۔** (شعب الايمان، التاسع من شعب الايمان۔۔۔ الخ، فصل في فضائل السور والآيات، ذكر سورة البقرة۔۔۔ الخ، ۴۵۳/۲، الحديث: ۲۳۷۸)

پر افسوس اڄ اسان جي گهرن جو ڪهڙو حال آهي؟ اڄ اسان جي گهرن ۾ تلاوتِ قرآن جو آواز ناهي ايندو، پر گانن جو آواز ايندو آهي، نمازون نه نٿيون پڙهيون وڃن پر فلمون ڊراما ضرور ڏٺا ويندا آهن، مدني درس ته ناهي ٿيندو پر گار گند، جهيڙو جهٽو، الله پاڪ جي نافرماني ضرور ٿيندي آهي، اچو اسان پنهنجي گناهن کان پڪي سچي توبه ڪريون، تلاوتِ قرآن جي ڪثرت ڪريون، اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ جهڪي وڃون، پنهنجي ربّ کي راضي ڪريون، نه ته ياد رکو! جيڪڏهن اسان ربّ کي راضي نه ڪيو، نمازون نه پڙهيون، تلاوتِ قرآن نه ڪئي ته اسان دُنيا ۽ آخرت ۾ برباد ٿي سگهون ٿا۔

حکيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **گهر جي آبادي انسان ۽ سامان سان ٿيندي آهي، دل جي آبادي قرآن سان ٿيندي آهي، باطن يعني روح جي آبادي ايمان سان ٿيندي آهي ته جنهن کي قرآن بالڪل ياد نه هجي يا ياد ته هجي پر ڪڏهن ان جي تلاوت نه ڪري يا ان جي خلاف عمل ڪري ان جي دل ائين ئي ويران آهي جيئن انسان ۽ سامان کان خالي گهر ويران هوندو آهي۔**(مراة المناجيح،۲۳۷/۳ بتغير)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان جي لاءِ بهتر اهو ئي آهي ته اسان به قرآنِ ڪريم جي اهميت کي سمجهون، ان جي عظمت ۽ افاديت کي سمجهون ۽ ان سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪريون۔ هڪ مسلمان جو سڀ کان وڌيڪ مضبوط تعلق (Connection)قرآنِ پاڪ سان ئي هئڻ گهرجي۔ ★ هي اهو **مُقدَّس ڪتاب آهي** جنهن ۾ دنيا جهان جي سمورن مسئلن جو حل مَوجُود آهي۔ ★ هي اهو مُقدَّس **ڪتاب آهي** جيڪو اسان کي نيڪين ڏانهن مائل ڪندو آهي، ★ هي

اهو مُقدَّس **ڪتاب آهي** جيڪو اسان کي اِطاعتِ الهي ۽ اتباعِ رسول جو حڪم ڏيندو آهي- ★ هي اهو مُقدَّس ڪتاب **آهي** جنهن کي پڙهڻ عبادت آهي- ★ هي اهو **مُقدَّس ڪتاب آهي** جنهن کي ڏسڻ عبادت آهي- ★ هي اهو مُقدَّس **ڪتاب آهي** جنهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ بہ عبادت آهي- ★ هي اهو مُقدَّس **ڪتاب آهي** جنهن ۾ اسان جي لاءِ دِيني، دنياوي، معاشي، سماجي، معاشرتي، اخلاقي اَلغَرَض! تمام پهلوئن جي باري ۾ رهنمائي موجود آهي-★ حق ۽ سچ ڇا آهي ؟ اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو، ★ سڌو ۽ روشن رستو ڪهڙو آهي اهو بہ اسان کي قرآنِ پاڪ ٻڌائي ٿو-★ زِندگي ڪيئن بهتر (Better) ٿي سگهي ٿي اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو، ★ اخرت ڪيئن بهتر ٿي سگهي ٿي اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو- ★ سٺا اخلاق ڪهڙا آهن اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو ★ بهترين رزق ڇا آهي؟ اِهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو-★ حڪمت ۽ دانائي ڇا آهي اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو ★ ترقي ۽ عروج ڇا آهي اهو بہ اسان کي قرآن ٻڌائي ٿو- اَلغَرَض! قرآنِ پاڪ ۾ هر شيء جو بيان آهي- اسان کي گهرجي تہ اسان ان جي اهميت کي سمجهون ۽ ان کي پڙهڻ سمجهڻ کي پنهنجو معمول بڻايون-

قرآنِ پاڪ سمجهڻ جي لاءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ترجمو ڪنزالايمان سان گڏ علماءِ اهلسنّت جا تفسير پڙهڻ بہ ضروري آهن، لهٰذا خزائن العرفان، نور العرفان، صراط الجنان روزانو پڙهون بلڪ اسان جو تہ مدني انعام بہ آهي تہ ٽي آيتون، ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيون يا ٻڌيون- ٿي سگهي تہ روزانو بعدِ فجر مدني حلقي ۾ ڪم و پيش 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو-

اهڙي طرح تفسير صراطُ الجنان جو بہ وقت بوقت مطالعو ڪريو- اچو تفسير صراط الجنان جون پنج (5) نمايان خصوصيتون بہ ٻڌون ٿا: (1) تفسيرصِراطُ الجنان ۾ هر آيت جا 2 ترجما ڏنا ويا آهن، هڪ سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪنزالايمان مان، ٻيو ترجمو آسان اُردو ۾ ڪنزُالعرفان جي نالي سان ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ گهٽو ڪري ڪنزالايمان مان ئي فائدو ورتو

ويو آهي-(2) تفسير صِراطُ الجنان ۾ قابلِ اعتماد علماءِ ڪرام جي قديم ۽ جديد قرآني تفسيرن ۽ بين اسلامي عُلوم تي لکيل ڪتابن، خاص ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لکيل ڪثير ڪتابن مان ڪلام اَخذ ڪري آسان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي- (3)تفسير صِراطُ الجنان نه وڏيڪ ڊگهو آهي نه ئي نهايت مختصر، بلڪ متوسط ۽ جامع آهي- (4) تفسير صِراطُ الجنان ۾ وس آهر آسان انداز اختيار ڪيو ويو آهي ته جيئن عام اسلامي ڀائر به هن مان فائدو حاصل ڪري سگهن- (5)تفسير صِراطُ الجنان ۾ اعمال جي اِصلاح جي لاءِ مُعاشرتي بُرائين جو تذڪرو ۽ معاشرتي برائين جا عذاب بيان ڪيا ويا آهن-

الله پاڪ اسان کي قران پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

کنزالایمان اے خدا میں کاش! روزانہ پڑھوں
پڑھ کے تفسیر اس کی پھر اس پر عمل کرتا رہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم جي ڪيترين ئي آيتن سڳورين ۾ ان جي نازل ڪرڻ جي مقصد کيِ بيان فرمايو ۽ ان تي عمل جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي- جيئن ته سيپاري 8سُورَةُ الْاَنْعَام جي آيت نمبر 155 ۾ ارشادِ رَبّ ڪريم آهي-

| | |
|---|---|
| وَ هٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَ اتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۵۵﴾ | **ترجَمو ڪنز الايمان:** ۽ هِي برڪت وارو ڪِتاب نازل ڪيوسين پوءِ توهان اُن جي پيروِي ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو مَن توهان تيَ رحم ڪيو وڃي. |

## اُمت تي قرآنِ مجيد جا حق

بيان ڪيل آيت سڳوري تحت "تفسيرِ صراطُ الْجِنان" جلد 3 صفحي 247

تي آهي: هن (آيت) مان معلوم ٿيو تہ امت تي قرآنِ مجيد جو هڪ حق هي آهي تہ اهي هن مبارڪ ڪتاب جي پيروي ڪن ۽ هن جي احڪامن جي خلاف ورزي ڪرڻ کان بچن-

افسوس! اڄوڪي دور ۾ قرآنِ ڪريم تي عمل (ڪرڻ) جي لحاظ ک

ان مسلمانن جو حال نہ ٻڌائڻ جوڳو آهي، اڄ مسلمانن هن ڪتاب جي روزانو تلاوت ڪرڻ جي بدران ان کي گهرن ۾ جُزدان ۽ غِلاف جي زينت ٺاهي ۽ دُڪانن تي ڪاروبار ۾ برڪت جي لاءِ رکيو آهي ۽ تلاوت ڪرڻ وارا بہ صحيح طريقي سان نہ تلاوت ڪن ٿا ۽ نہ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ الله ڪريم هن ڪتاب ۾ انهن جي لاءِ ڇا فرمايو آهي- تاريخ شاهد آهي تہ جيستائين مسلمانن هن مُقَدَّس ڪتاب کي سيني سان لڳائي رکيو ۽ ان جي دَستُور ۽ قانونن (Rules) ۽ اَحڪامن تي سختي سان عمل ڪندا رهيا تيستائين سڄي دنيا ۾ انهن جي شوڪت جي هاڪ هئي ۽ غيرن جي دل مسلمانن جو نالو ٻڌي ڏڪڻ لڳندي هئي ۽ جڏهن کان مسلمانن قرآنِ عظيم جي احڪامن تي عمل ڇڏي ڏنو آهي تڏهن کان اهي سڄي دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ٿي رهيا آهن- (صراط الجنان، ۳/۲۴۷)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ جي اَهميت جو اندازو هن ڳالهہ مان بہ لڳايو جو اهو مقدس ڪتاب اسان کي هر ان شيء ڏانهن سڏي ٿو جيڪو اسان جي لاءِ فائديمند آهي، ۽ اهو اسان کي هر ان شيء کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو جيڪو اسان جي لاءِ نقصان ده هجي- اهو ئي سبب آهي جو ان کي رحمت،

نصيحت، شفا ۽ هدايت بہ قرار ڏنو ويو آهي- جيئن سيپاري 11 سوره يونس آيت نمبر 57 ۾ اِرشادِالٰهي آهي:

يَاۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدۡ جَآءَتۡكُمۡ مَّوۡعِظَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِى الصُّدُوۡرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۵۷﴾

**ترجَمو ڪنز الايمان:** اي انسانو توهان وٽ توهان جي رب کان نصيحت آئي ۽ دلين جي صحت ۽ هدايت ۽ رحمت ايمان وارن جي واسطي.

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت سڳوري جي تحت آهي: هن آيت ۾ قرآنِ ڪريم جا ٽي عظيم فائدا بيان ڪيا ويا آهن-

**پهريون فائدو مَوعِظَة:**

"مَّوْعِظَة" جي معني آهي اها شيء جيڪا انسان کي پسنديده شيء ڏانهن گهرائي ۽ خطري کان بچائي-

**ٻيو فائدو شِفاءٌ:**

شِفاءٌ مان مراد هي آهي تہ قرآنِ پاڪ قلبي (يعني دل جي) مرضن (Diseases) کي پري ڪري ٿو-

**ٽيون فائدو هدايت:**

قرآنِ ڪريم جي صفت ۾ **هدايت** بہ فرمايو ويو، ڇوتہ اهو گمراهي کان بچائي ٿو ۽ راهِ حق ڏيکاري ٿو ۽ قرآنِ پاڪ کي ايمان وارن جي لاءِ **رحمت** ان ڪري فرمايو ويو جو هن کان اهي ئي فائدو کڻن ٿا-(صراط الجنان، ۳۳۸/۴ ملتقطاً)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت سڳوري ۽ انِ جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ **قرآنِ ڪريم** پسنديده شين ڏانهن سڏي ٿو- **قرآنِ ڪريم** دنيا ۽ آخرت جي خطرات کان بچائي ٿو- **قرآنِ ڪريم** نيڪ عملن ڪي ڪرڻ جي نصيحت ڪري ٿو- **قرآنِ ڪريم** بُرن عملن کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو- **قرآنِ ڪريم** چڱن عملن جا فائدا ٻڌائي ٿو - **قرآنِ ڪريم** بُرن عملن جي انجام کان ڊيڄاري ٿو-

**قرآنِ ڪريم** بُرن اخلاقن کان پري ڪري ٿو- **قرآنِ ڪريم** غلط عقيدن کان محفوظ ڪري ٿو- **قرآنِ ڪريم** جهالتن کانِ پاڪ ڪَري ٿو- **قرآنِ ڪريم** دل جي بيمارين کي پري ڪَري ٿو- اَلغَرَض! **قرآنِ ڪريم** گمراهي کَان بچائي ٿو ۽ **قرآنِ ڪريم** راهِ حق ڏيکاري ٿو- الله ڪَري اسان تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارا ۽ قرآني تعليمات تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون-

تلاوت ڪروں ہر گھڑی یاالٰہی
بکوں نہ کبھی بھی میں واہی تباہی

## احاديثِ ڪريم ۾ قرآنِ ڪريم

اچو! هاڻي احاديثِ طيبہ جي روشني ۾ قرآنِ ڪريم جي اهميت ۽ عظمت ۽ فضيلت ٻڌڻ جي سَعادت حاصل ڪريون ٿا، جيئَن

(1) ارشادفرمايائون: **اَصْدَقُ الْحَدِيثِ كِتَابُ الله** يعني سڀ کان سچّي ڳالھ ڪتابُ الله آهي- (شعب الايمان۴/۲۰۰،حديث۴۷۸۶ملتقطاً)

(2) ارشاد فرمايائون: **خَيرُ الْحَدِيثِ كِتَابُ الله** يعني بهترين ڳالھ ڪتَابُ الله آهي-
(مسلم،ڪتاب الجمعة، باب تخفيف الصلاة والخطبة ص۳۳۵، حديث ۲۰۰۷ ملتقطا)

(3) ارشاد فرمايائون: الله جو ڪتاب الله جي رسي آهي، جنهن ان جي اتباع ڪئي اهو هدايت تي رهيو، جنهن ان کي ڇڏي ڏنو اهو گمراهي تي ٿيو-
(مسلم، ڪتاب فضائل الصحابه،باب من فضائل علي ــالخ، ص۱۰۰۸، حديث ۶۲۲۸)

(4) ارشاد فرمايائون: مان توهان ۾ ٻہ عظيم شيون ڇڏيان ٿو، جن مان پهرين تہ الله جو ڪتاب آهي جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي، توهان الله جو ڪتاب وٺو ان کي مضبوط پڪڙيو، (ٻي شيء) منهنجا اهلِ بيت- مان توهان کي پنهنجي اهلِ بيت جي باري ۾ الله کان ڊيڄاريان ٿو- مان توهان کي پنهنجي اهلِ بيت جي باري ۾ الله کان ڊيڄاريان ٿو- (مسلم، ڪتاب فضائل الصحابه،باب من فضائل علي ــالخ، ص۱۰۰۸، حديث ۶۲۲۵)

بيان ڪيل آخري حديثِ پاڪ ۾ قرآنِ ڪريم بابت حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيڪو ڪجھ ارشاد فرمايو، ان جو خلاصو

مدني گلن جي صورت ۾ ائين آهي:★ قرآنِ ڪريم ۾ عقائد ۽ اعمال جي رهنمائي آهي- ★ قرآنِ ڪريم دل جو نور آهي- ★ قرآنِ ڪريم قيامت ۾ پُل صراط جو نور آهي- ★ قرآنِ ڪريم کي اهڙي مضبوطي سان پڪڙيو جو زندگي ان جي ڇانو ۾ گذري موت ان جي ڇانو ۾ اچي- ★سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: الله جو ڪتاب تہ واضح رهي جو الله جي ڪتاب ۾ سنتِ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ داخل آهي- ڇوتہ اهو ئي ڪتابُ الله جي شرح آهي ۽ ڪتابُ الله تي عمل ڪرائڻ وارو آهي- ★سنت جي بغير ڪتابُ الله تي عمل ناممڪن آهي- ★اهلِ بيت مان مراد حضور عَلَيه السَّلَام جي اولاد، ازواج ۽ موليٰ علي عَلَيهِمُ الرِّضْوَان وغيره آهن- ☆ ان جي نافرماني ۽ بي ادبي هر گز نہ ڪجو نہ تہ دِين وڃائي ويهندو-(مرآة المناجيح،۸/۴۵۷-۴۵۸ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اهلِ بيتِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ قرآنِ ڪريم سان تعلق مضبوط رهي تہ دنيا بہ بهتر ٿي ويندي ۽ آخرت ۾ بہ ڪاميابيون نصيب ٿي وينديون- ان ڪري اسان کي پاڻ اهلِ بيتِ ڪرام سان بہ محبت رکڻ گهرجي ۽ قرآنِ ڪريم سان بہ تعلق مضبوط رکڻ گهرجي- اهڙي طرح پنهنجي اولاد ۾ بہ محبتِ قرآن پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي بہ اهل بيت جي محبت سيکارڻ گهرجي ڇوتہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: پنهنجي اولاد کي ٽي ڳالهيون سيکاريو (1) پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت (2) اهلِ بيت جي محبت (3) تلاوتِ قرآن-
(الجامع الصغيرلسيوطي،باب الهمزه،الحديث۳۱۱،ص۲۵)

يقيناً جيڪو ٻانهو قرآنِ ڪريم سان دل لڳائيندو آهي، الله پاڪ اُن تي رَحمتن جي بارش ڪندو آهي، ان جي تلاوت ڪرڻ واري کي دنيا ۽ آخرت ۾ خوب برڪتون ملنديون، ان جي تلاوت ٻڌڻ واري کي بہ خوب خوب اجر ۽ ثواب ملندو آهي، جڏهن تہ جيڪو قرآنِ پاڪ کان پاسو ڪري، ان کان پري ڀڄي ان جي احڪامن جي پروا نہ ڪري، ان سان دل نہ لڳائي، پنهنجي سيني کي ان جي نور سان روشن نہ ڪري تہ اهڙي بد نصيب جي لاءِ محرومي ئي محرومي آهي، الله جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

جنهن جي سيني ۾ ڪجھ قُرآن ناهي اهو ويران گهر جيان آهي- (جامع الترمذي،ڪتاب فضائل القرآن،باب (ت:١٨) حديث:٢٩٢٢،۴/۴١٩) لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان ڪلامِ الٰهي سان خوب محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ان جي تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادَت
رہوں باوضو میں سدا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن جا احڪام ۽ اسان جي حالت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآنِ ڪريم جي اهميت بابت ٻڌي رهيا هئاسين- يقيناً ڪو به مسلمان قرآنِ ڪريم کان بي پروا نٿو ٿي سگهي- شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ جي لاءِ قدم قدم تي قرآني تعليمات جي ضرورت پوندي آهي- پر افسوس! اڄ مسلمان هن مقدس ڪتاب کان پاسو ڪندي نظر اچي رهيا آهن- ڪجھ خوش نصيب رمضان ۾ ان جي زيارت ۽ تلاوت جون برڪتون ماڻيندا آهن پر ڪجھ ته هن مقدس مهيني ۾ به الله پاڪ جي هن عظيم نعمت کان پاڻ کي محروم رکن ٿا- ان جو بنيادي سبب اهو بڻجي ٿو جو هڪ تعداد کي قرآنِ ڪريم نيڪ طرح سان پڙهڻ به ناهي ايندو ۽ اهي ان کي سکڻ جي لاءِ توجھ به نٿا ڪن-

ٿورو سوچيو! گهر ۾ گاڏي هجي ۽ گاڏي هلائڻ نه اچي ته ان جي لاءِ باقاعده ڊرائيونگ جو ڪورس ڪيو ويندو آهي- مهانگيون فيسون ادا ڪيون وينديون آهن ۽ جلد کان جلد ڊرائيونگ سکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي- اهڙي طرح شروع ۾ موبائل هلائڻ به نه ايندو هو، پر ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪري اهو به سکي ورتو ۽ ڪنهن کان پڇڻ ۾ ڪو شرم به نٿو اچي- ڪاروبار ڪرڻ چاهيو ته ان کان اڳ ۾ ڪوڙ تجربيڪار ماڻهن کان مشورا ورتا ويندا

آهن تہ ڪٿي ڪاروبار ۾ نقصان نہ ٿي وڃي، ان جي لاءِ پهريان کان معلومات حاصل ڪيون-

اهڙي طرح انگلش ڳالهائڻ جو مثال ونو، اسان وٽ ڪو بہ انگريزي سکي پيدا ناهي ٿيندو، مادري زبان ڪا ٻي هوندي آهي پر جڏهن انگلش سکي ورتي تہ فرفر ڳالهائڻ بہ اچي وئي، بلڪ هاڻي تہ اولاد کي ايتري انگلش سيکاريندا آهن جو اهي انگريزن کي بہ اِنگلش پڙهائي سگهن، پر قرآنِ ڪريم ايترو بہ نٿا پڙهائن جو جنهن سان اهي ويچارا پنهنجي نماز دُرست ڪري سگهن-

افسوس! گهڻو ڪجھ سکي ورتو پر جيڪڏهن ناهي سکيو تہ قرآن درست پڙهڻ نہ سکيو، ★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ دِين جو علم ناهي سکيو، ★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ نماز کي درست انداز ۾ پڙهڻ ناهي سکيو ،★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ شريعت جي مسئلن کي ناهي سکيو،★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ آقا ڪريم، محبوب ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪرڻ ناهي سکيو، ★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ ناهي سکيو، ★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ والدين جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ناهي سکيو، ★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ وڏن جو احترام ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ ناهي سکيو-★ جيڪڏهن ناهي سکيو تہ فرض علم ناهي سکيو- جڏهن تہ انهن ڳالهين جو سکڻ هڪ مسلمان جي لاءِ گهڻو ضروري آهي- الله پاڪ اسان جي حال تي اهڙو ڪرم فرمائي جو اسان دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکي وڃون- اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو! ترغيب جي لاءِ بزرگانِ دِين جي قرآنِ ڪريم سان محبت جا ڪجھ ايمان افروز واقعا ٻڌون ٿا،

## بُزرگانِ دِين جا واقعا

(1) منقول آهي تہ جڏهن رَمَضانُ المبارَڪ جو مهينو شُروع ٿيندو هو تہ سيدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻيون تمام نفلي عبادتون ترڪ ڪري تلاوتِ قرآن ۾ مَشغُول ٿي ويندا هئا- (دين ودنيا کي انوکهي باتين، ص٦١)

(2) حضرت سَيدُنا محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي امام بخاري

جي نالي سان مشهور آهن، سندن باري ۾ ايندو آهي تہ ڪثير مصروفيتن جي باوجُود پاڻ کي تلاوتِ قرآن سان بيحد محبت هئي، پاڻ رَمَضان المبارڪ ۾ روزانو ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو قرآنِ پاڪ جو ختم ڪندا هئا ۽ تراويح کان پوءِ نفلن ۾ هر ٽئين رات ۾ هڪ ڀيرو ختمِ قرآن ڪندا هئا-( ارشاد الساري، ۶۴/۱)

(3) حضرت امام ڪتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ الله پاڪ جا اهڙا ولي هئا جو پاڻ طواف جي دوران 12 هزار ڀيرا قرآن ِڪريم جو ختمو ڪديو-(سير اعلام النبلا،۵۳۵/۱۴)

(4) حضرت ابو بڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ پنهنجي زندگي جا 40 سال اهڙي طرح گذاريائون جو هر رات ۽ ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو قرآنِ ڪريم جو ختم ڪندا هئا- (سير اعلام النبلا،۵۰۳/۸)

(5) اسان جا امامِ اعظم سيدُناامام ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رَمَضانُ المبارَڪ ۾ ايڪهٺ (61) ڀيرا قرآن ڪريم جو ختم پورو ڪندا هئا- ٽيهہ ڏينهن ۾، ٽيهہ راتين ۾ ۽ هڪ تراويح ۾، ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنجيتاليهہ سال عشاء جي وضوءَ سان فجر جي نماز ادا فرمائي- (بهارِ شريعت حصه ۴ ص ۳۷، از فيضانِ رمضان)

(6) هڪ روايت جي مطابِق امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زندگي ۾ 55 حج ڪيائون ۽ جنهن گهر ۾ وفات ڪيائون ان ۾ ست هزار ڀيرا قرآنِ مجيد ختم فرمايائون-
(عقود الجمان ص ۲۲۱ از فيضانِ رمضان)

(7) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام الائمہ سيدُنا امام اعظم (ابو حنيفہ) رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٽيهہ سال ڪامل هر رات هڪ رڪعت ۾ قرآن ڪريم ختم ڪيو آهي- ( فتاوٰي رضويه تخريج شده ج ۷ص۶ ۴۷ از فيضانِ رمضان)

(8) حضرتِ سَيدُنا ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا- پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سدائين ڏينهن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات قِيامِ (يعني عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ ٻہ رڪعتون "تَحِيَّةُ المسجِد" ضرور پڙهندا هئا- تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي هر ٿنڀي وٽ قرآن شريف جو ختمو ڪديو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ گريہ و زاري ڪئي آهي- نماز ۽ تِلاوت سان کين خصوصي محبت هئي، مٿن اهڙو تہ

ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پرُ انوار جي ويجهو ڪان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو-
(حلية الاولياء، ۲/۳۶۴- ۳۶۶ ملتقطاً و ملخصاً)

جَبیں میلی نہیں ہوتی دَھن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعن مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيتري قدر شوق ۽ محبت سان تلاوت ڪندا هئا، اسان کي بہ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪرڻ گهرجي- هڪ تعداد تلاوتِ قرآن ڪان ان ڪري محروم رهندي آهي جو انهن کي تلاوت ڪرڻ ناهي ايندي- ننڍپڻ ۾ قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڪڏهن سکيو هو تہ هاڻ وسري ويو، يا سکيو آهي پر نيڪ طرح سان دُرست تلفظ سان تلاوت ڪرڻ نٿي اچي وغيره وغيره- ان جي حل جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دعوتِ اسلامي تحت پنهنجي ويجهو لڳڻ واري مدرسۃا لمدينه بالغان ۾ داخلا ونو- اِنْ شَآءَ الله اوهان بہ درست انداز ۾ تلاوتِ قرآن ڪرڻ سکي ويندؤ- مدرسۃ المدينہ بالغان جي ذريعي بالغ (وڏي عمر جي) اسلامي ڀائرن کي مختلف هنڌن (مثال طور مسجدن، دفترن، مارڪيٽ، دُڪان وغيره) ۾ مختلف اوقات ۾ في سبيل الله مدني قاعده، ناظره تعليمِ قرآن سان گڏوگڏ نماز جا بُنيادي مسئلا ٻڌايا ويندا آهن، سُنّتون ۽ آداب سيکاريا ويندا آهن- ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مدرسۃ المدينه بالغان جو تعداد تقريباً 24238 (چويهہ هزار ٻہ سو اٺتيهہ) ۽ پڙهڻ وارن جو تعدادتقريباً142650(هڪ لک ٻائيتاليهہ هزار ڇهہ سو پنجاهہ) آهي-

## دعوتِ اسلامي ۽ خدمتِ قرآن:

اڄ جي هن پُرفِتن حالتن ۾ قرآنِ پاڪ سان مسلمانن جو رشتو مضبوط ڪرڻ ۽ فيضانِ قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني

تحريڪ دعوتِ اسلامي مختلف انداز سان ڪوشش ڪري رهي آهي- دعوتِ اسلامي ڪهڙي ڪهڙي نموني خدمتِ قرآن ڪري رهي آهي، اچو! ان جون ڪجھ جھلڪيون ملاحظ ڪريو:

❀دعوت اسلامي تحت ملڪ ۾ بيرونِ ملڪ اسلامي پائرن ۾ اسلامي ڀينرن کي بلا مُعاوضہ تَجويد ۽ مَخارِج سانَ دُرُست تلاوتِ قرآن سيکارڻ جي لاءِ مدرسۃ المدينہ بالِغان ۽ مدرسۃ المدينہ بالِغات جڏهن تہ مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي حفظ و ناظره جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ مدرسۃُالمدينہ لِلبَنِين ۽ مدرسۃُالمدينہ لِلبَنَات قائم آهن ۽ جن هنڌن تي قرآن ڪريم پڙهائڻ وارا آساني سان دستياب نہ آهن اتي جي لاءِ مدرسۃ المدينہ آن لائن جو بہ سلسلو آهي-

❀اهڙي طرح اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي تحت قائم جامعاتُ المدينہ جي نصاب ۾ بہ قرآنِ پاڪ جي تعليم شامل آهي، اهو نصاب ان انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي جو دِرجہ مُتَوَسِّطَہ اوّل ڪان درجہ خامِسہ (پنجين درجي) تائين مدني قاعده ۽ سڄو قرآنِ پاڪ ترجمو ۽ تفسير سان پڙهايو ويندو آهي، جڏهن تہ درجہ سابِعہ (ستين درجي) ۾ تجويد ۽ سيپاري 26 ڪان 30 حَدر جي دُهرائي ۽ درجہ دوره حديث ۾ حُسنِ قراءت جي حوالي سان تربيت ڪئي ويندي آهي-

❀دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري "مڪتبة المدينه" تان قرآنِ پاڪ جي مختلف لائنن ۽ سائزن تي مشتمل متعدد نسخا شائع ڪيا ويا آهَن جڏهن تہ معيار ۾ مزيد بهتري جي لاءِ مشهور اِشاعتي مرڪز بيروت (لبنان) مان بہ قرآنِ پاڪ جي اشاعت جو اِهتمام ڪيو ويو آهي- جتان هاڻي تائين اڍائي لک ڪان وڌيڪ نسخا شائع ٿي چڪا آهن-

❀ان جي علاوه قرآن پاڪ جي مختلف موضوعات بابت هزارين ڪتاب بہ شائع ٿي چڪا آهن، جن ۾ ڪنزالايمان مع خزائن العرفان، مَعرِفَۃ القرآن عَلي ڪنزِالعِرفَان، صِراطُ الجِنَان سميت ڪيئي ڪتاب شامل آهن-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

دعوتِ اسلامي تحت خدمتِ قرآن جو هڪ ذريعو مدرسة المدينه بالغان آهي- مدرسة المدينه بالغان ۾ شرڪت 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم بہ آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جا ڪيئي فائدا ۽ برڪتون آهن- * مَدرَسة المدينہ بالِغان قرآنِ پاڪ دُرست پڙهڻ جو هڪ ذريعو آهي * مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسل وغيره بعض ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، * مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان سنّي صُحبت ملي ٿي، * مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملي ٿي، * مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي،* مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي- اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو،

## مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هو مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان فلمون ڏسڻ جو شوقين هو- ڪڏهن تہ ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ڀيرا سينما گهر پهچي ويندو هو- هڪ ڀيرو رمضان المبارڪ 1991 ۾ اِن جي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جن ان کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ جي ترغيب ڏياري- ان اسلامي ڀاءُ جي محبت ڀري انداز سان متاثر ٿي مدرسي ۾ پڙهڻ جي لاءِ هائو ڪيائين ۽ استقامت سان مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو- مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان نہ صرف درست مخارج سان قرآن پاڪ پڙهڻ سکي ويو بلڪ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو معمول بہ ٺهجي ويو- گناهن کان توبہ ڪري اهستہ اهستہ مدني ماحول جي رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ ڪجھ سال کان پوءِ مُدَرّس ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري مدرسة المدينہ بالغان پڙهائڻ وارو ٺهجي ويو-

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ ۔ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر ۔ کے اچھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ اللہ ۔ تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ ۔ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ۔ صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن ڪريو!

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان قرآنِ پاڪ بابت بيان ٻُڌي رهيا هئاسين- اسان کي بہ تلاوتِ قرآن جي عادت بڻائڻ گهرجي- افسوس! صد افسوس! اڄ ماڻهو فضول ناول پڙهڻ ۾ وقت برباد ڪن ٿا، اڄ هڪ تعداد آهي جنهن کي ڪوڙين آکاڻين ۽ قِصّن جا ڪتاب پڙهي گهڻو مزو ايندو آهي- اڄ ڪي ماڻهو سڄو سڄو اخبار هڪ نشست ۾ ختم ڪندا آهن- اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽي وي ڊسڻ ۾ گذاريندا آهن- اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو سنيما گهرن ۾ وڏو وقت برباد ڪندو آهي ، اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو شاپنگ جي نالي تي بازارن ۾ وقت ضائع ڪندو آهي، هڪ تعداد آهي جيڪو **ويڊيو گيمز** (Video Games) کيڏي پنهنجي قِيمتي وقت کي ضائع ڪندو آهي، بعض نادان رمضان ۾ "**ٽائم پاس ڪرڻ** " جي نالي تي سڄي رات ڪلاڪن ۾ ڪرڪيٽ کيڏي ٻين جي سڪون کي برباد ڪندا آهن، بيمار پوڙهن ۽ ننڍن ٻارن جي لاءِ تڪليف جو سبب ٿيندا آهن- هڪ تعداد آهي جن کي مهينن تائين قرآنِ پاڪ جو هڪ صفحو (Page) پڙهڻ جي توفيق ناهي ملندي- افسوس! اڄ اسان جي ٻارن کي راندين جا نالا تہ ياد هوندا آهن پر قرآن پاڪ جون ننڍيون ننڍيون سورتون ياد ناهن هونديون، اڄ اسان جي ٻارن کي فنڪارن (Actors)، گلوڪارن جي معلومات هوندي آهي، پر افسوس! انهن کي انبياء ڪرام ۽ اسلامي مهينن جا نالا تائين ياد ناهن هوندا، اڄ ٻار انگريزي زبان ۾ نظمون تہ ياد ڪري وٺندا آهن، پر دِين جي بُنيادي ڳالهين کان بي خبر هوندا آهن- يقيناً اها

تمام وڏي محرومي جي ڳالھ آهي، ياد رکو! اڄ جيڪڏهن اسان پاڻ به قران پاڪ پڙهنداسين ۽ پنهنجي ٻارن کي به هن پاسي مائل ڪنداسين ته اهي دنيا ۾ به اسان جي لاءِ بهتري جو سبب ٿيندا ۽ آخرت ۾ به ان جا فائدا ظاهر ٿيندا- اچو! تلاوتِ قرآن پاڪ جي فائدن بابت بُزرگانِ دِين جا ڪجھ ايمان افروز قول ٻڌون ٿا:

(1)حضرت سيدُنا عَمرو بن ميمون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن فجر نماز پڙهي قرآنِ پاڪ کوليو ۽ ان جي 100 آيتن جي تلاوت ڪئي ته الله ڪريم ان جي لاءِ تمام دنيا وارن جي عمل جي برابر ثواب بلند فرمائيندو-(دين ودنيا کی انوکھی باتیں، ص ٦٢)

(2) حضرت سيدُناعلي المرتضٰي ڪَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْڪَرِيم فرمائن ٿا: جيڪو شخص نماز ۾ بيهي تلاوتِ قرآن ڪندو ان کي هر اکر جي بدلي 100 نيڪيون جڏهن ته نماز ۾ ويهي تلاوت ڪرڻ واري کي 50 نيڪيون ملنديون- جيڪو شخص نماز جي علاوه باوضو قرآن پڙهندو ان کي هر اکر جي عوض 25 نيڪيون جڏهن ته (هٿ لڳائڻ بغير) بي وضو پڙهڻ واري کي 10 نيڪيون ملنديون-( دين ودنيا کی انوکھی باتیں، ص ٦٢)

(3) حضرت سيدُناامام شعبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: زبان، ڪن ۽ دل کي سڌو رکي ٿي، تنهنڪري تلاوت هن طرح ڪريو ته توهان جا ڪن ان کي ٻڌن ۽ دل سمجهي-( دين ودنيا کی انوکھی باتیں، ص ٦١)

(4) حضرت سيدُنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: ”دل ٿانوَن جيان آهن- تنهنڪري ان کي قرآنِ پاڪ جي علاوه ڪنهن بي شيء ڪان نه پريو-“(الله والوں کي باتيں،ص٢٥٥)

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش خدایا

اللہ! تلاوت میں مرے دل کو لگا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه رمضان جو بابرڪت مهينو جاري آهي ۽

10رمضانُ المبارڪ اُمُّ المومنين حضرت سيدَتُنا خديجةُ الڪبريٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہَا جي عرس جو ڏينهن آهي تنهنڪري هن مُناسَبَت سان حُصُولِ بَرَڪت ۽ نُزولِ رَحمَت جي لاءِ حضرت سيدَتُنا خديجةُ الڪبريٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہَا جو مختصر طور ذڪرِ خير ٻڌون ٿا، اچو پهريان هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## خديجہ کان بهتر ڪا گهرواري ناهي!

هڪ ڀيري حضرتِ عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا حضور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زبانِ مبارڪ مان حضرتِ خديجہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا جي تمام گهڻي ساراهہ ٻڌي تہ چيائون: هاڻي تہ اللہ پاڪ اوهان کي ان کان بهتر گهرواريءَ عطا ڪئي آهي، اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: نہ خدا جو قسم! خديجہ کان بهتر مون کي ڪا گهرواري نہ ملي، جڏهن سڀني ماڻهن منهنجو انڪار ڪيو ان وقت ان مون تي ايمان آندو ۽ جڏهن سڀ ماڻهو مون کي ڪوڙو چئي رهيا هئا ان وَقت اُنهن منهنجي تصديق ڪئي ۽ جنهن وَقت ڪو شخص مون کي ڪا شيءِ ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ هو، ان وَقْت خديجہ مون کي پنهنجو سمورو مال ڏئي ڇڏيو ۽ ان مان اللہ پاڪ مون کي اَولاد عطا فرمايو- (المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني ، باب خديجة ام المؤمنين ، ج۴، ص ۳۷۲)

## سيده خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہَا جو تعارف

معلوم ٿيو تہ رسولِ خدا، جنابِ احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا کان گهڻي محبت ڪندا هئا- حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہَا عامُ الفِيل کان 15 سال پهريان پيدا ٿيون- نالو خديجہ، والِد جو نالو خُوَيلِد ۽ امڙ جو نالو فاطمہ آهي- حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا جي ڪنيت اُمُّ القَاسِم ۽ اُمّ هِند آهي- پاڻ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا جا لقب طاهره، سَيدَة قُرَيش، صِدِّيقَہ ۽ "الڪبريٰ" آهن، حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا جو هي آخري لَقب نالي سان ايتري ڪثرت سان

چيو ويندو آهي جو جڻ نالي ئي جو حصو هجي- حضرت بي بي خديجه رَضِیَ اللہ عَنہا عورتن ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو، حضرت بي بي خديجه خاتونِ جنت حضرتِ فاطمةُ الزهراء رَضِیَ اللہ عَنہا جي والِده ماجِده ۽ نوجوانانِ جنت جي سردار حضراتِ حَسَنَينِ ڪرِيمَين رَضِیَ اللہ عَنہما جي ناني سائڻ آهن، پاڻ رَضِیَ اللہ عَنہا پنهنجي سجي دولت حُضُورصَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن تي قربان ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي سجي ڄمار حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمَت ڪندي گذاري- سندن رَضِیَ اللہ عَنہا جي حَيات ۾ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن ٻيءَ سان نِڪاح نه ڪيائون- پاڻرَضِیَ اللہ عَنہا تقريباً 25 سالن تائين حُضور پرنور صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شريڪِ حيات رهيون ۽ اعلانِ نبوت جي ڏهين سال رمضانُ المبارڪ جي مهيني ۾ وصال فرمايائون، وصال وقت سندن عمر مبارڪ65 سال هئي، پاڻ رَضِیَ اللہ عَنہا جَنَّتُ الۡمَعۡلٰى ۾ آرام فرما آهن-(ماخوذ از فيضانِ خديجة الكبرىٰ) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الۡاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس لنگرِ رضويه جو تعارف

اي عاشقانِ اوليا! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جو جو مدني ماحول اسان کي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو ادب سيکاري ٿو، اوهان به هن مدني ماحول سان هردم وابسته رهو- عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي دين جي تبليغ جي لاءِ 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي- انهن مان هڪ مجلس لنگر رضويه به آهي، مختلف موقعن تي هزارين عاشقانِ رسول جي خيرخواهي ڪئي ويندي آهي يعني انهن کي کاڌو کارايو ويندو آهي، مثال

طور دَارُالسُنَّه ۾ ايندڙ مهمانن، مختلف سُنّتن ڀريا اجتماعات، مدني مشورن، مختلف مدني ڪورسز ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر سال هزارين عاشقانِ رسول سڄي رمضان ۽ آخري عشري جي اِعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا آهن، انهن عاشقانِ رسول جي لاءِ "لنگرِ رضويہ" (سحري ۽ افطاري) جو نهايت وڏو اِنتظام ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اُهي عاشقانِ رسول دِلجمعي سان علمِ دين جي مدني حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ ڀرپور توجہ سان شرڪت ڪري سگهن- دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيندڙ مدني مذاڪرن جي اجتماعن ۾ به عاشقانِ رسول جي لاءِ لنگرِ رضويه جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي-ا لنگرِ رَضَويہ جي مد ۾ ڪروڙين روپين جا اخراجات ٿيندا آهن هن نيڪيءَ جي عظيم ڪم ۾ بہ ڪيئي اسلامي ڀائر پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، هن سال بہ اِنْ شَآءَ الله ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ سوين هنڌن تي سڄي مهيني ۽ آخري عشري جو اعتڪاف جاري آهي، جنهن ۾ هزارين عاشقانِ رمضان، رمضان جي مبارڪ گهڙين جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن-

سحري ۽ افطاري ڪرائڻ نهايت فضيلت ڀريو ڪم آهي، حُضورِ انور ، شافعِ مَحشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: جنهن حلال ڪاڌي يا پاڻيءَ سان (ڪنهن مسلمان کي) روزو افطار ڪرايو، ملائڪ ماهِ رمضان جي اوقات ۾ ان جي لاءِ استغفار ڪندا آهن ۽ جبريل (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) شبِ قدر ۾ ان جي لاءِ استغفار (يعني بخشش جي دعا) ڪندو آهي-" (طبراني المعجم الڪبير ج٦ ص٢٦٢ حديث ٦١٦٢)

اي عاشقانِ رمضان! اوهان بہ سحري ۽ افطار ڪرائڻ جي فضيلتن مان حصو ماڻيو ۽ سنين سنين نيتن سان گڏ "لنگرِ رضويه" جي مد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو-

## آخري عشري جي اعتڪاف جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان جو آخري عشرو عنقريب جلوه گر ٿيڻ وارو آهي، اِنْ شَآءَالله دعوتِ اسلامي تحت هن سال بہ آخري عشري جي سُنّت

اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي- اوهان بہ هن سعادت مان فيضياب ٿيو ۽ پنهنجي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪريو- ڪثير علمِ دين سکڻ سان گڏوگڏ چڱا اخلاق پيدا ٿيندا- اِنْ شَآءَ الله

## مدني عطيات جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لِلّٰه اوهان جي دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ هن وقت 107 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي خدمتِ دين ۾ مصروفِ عمل آهي- ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ دعوتِ اسلامي جي زير انتظام هلندڙ شعبن ۾ اربين روپين جا اخراجات آهن- اوهان سان بہ گذارش آهي تہ هنن شعبن جي سمورن اخراجات جي لاءِ پنهنجي مدني عطيات (چندي) مان تعاوُن فرمايو ۽ ثوابِ جاريہ جا حق دار بڻجي وڃو- اوهان پاڻ بہ صدقن ۽ مدني عطيات جي ذريعي تعاون ڪريو ۽ ٻين سان بہ رابطو ڪري عطيات گڏ ڪرڻ جي بہ ترڪيب ڪريو- الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي لاءِ مدني ڪمن ۽ سمورن شعبن جي لاءِ خوب خوب صدقا ۽ مدني عطيات پاڻ بہ ڏيڻ ۽ ٻين کان بہ گڏ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## جامعة المدينہ ۾ داخلا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جو شعبو جامعة المدينہ للبنين (اسلامي ڀائرن جي لاءِ) جامعة المدينہ للبنات (اسلامي ڀينرن جي لاءِ) علمِ دين جي شمع روشن ڪرڻ ۾ شب و روز مصروفِ عمل آهي- جامعات المدينہ ۾ شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني گلن جي روشني ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي علمِ دِين جي نُور سان منور ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي ۽ اخلاقي تربيت بہ ڏني ويندي آهي، جامعةالمدينہ مان فارغ ٿيندڙ مدني عالمن ۽ مَدَنيہ اسلامي ڀينرون دعوتِ اسلامي جي ڪئي شعبن ۾ خدمات سرانجام ڏئي رهيا آهن، اوهان

۾ پنهنجن ٻارن، ڀينرن، ڀائرن ۽ عزيز واقارِب کي جامعة المدينہ ۾ داخلي جي ترغيب ڏياريو- امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا:هر مسلمان کي گهرجي تہ گهٽ مان گهٽ پنهنجي هڪ پٽ ۽ نياڻي کي عالم ۽ عالمہ بڻايو، جامعات المدينہ ۾ درسِ نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس) جا داخلا جاري آهن-

**داخلن جي آخري تاريخ:26شوال المڪرم1440ھ(30جون2019ء):**

اسلامي ڀائرن جي داخلن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعة المدينہ للبنين ۾ ڏينهن 10 ڪان 1 ۽ اسلامي ڀينرن جي داخلن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعات المدينہ للبنات ۾ هر جمعرات جو صبح 9:00 ڪان 1:00 رابطو ڪري سگهجي ٿو-

رابطو نمبر-(0311-1753826)-- (صرف اسلامي ڀائرن جي لاءِ)

jamiatulmadina@dawaeislami.net: jamiapak@dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبَت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## تلاوت ڪرڻ جون سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! تلاوت جون سنتون ۽ آداب جي باري ۾

[1] … مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥

ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا- پهريان هڪ فرمان مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو- (1) فرمايائون: منهنجي اُمَّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (شعب الايمان للبيهقي، باب في تعظيم القرآن، فصل في ارمان تلاوته، دون اللفظ"تلاوة" ٢/٣٥٤،حديث:٢٠٢٢)☆قرآنِ پاڪ ڪي سني آواز سان ۽ رڪي رڪي پڙهڻ سنت آهي-(احياء العلوم،١/٨٤٣) ☆مستحب هي آهي تہ باوضو قبلي ڏانهن رخ ڪري سنا ڪپڙا پائي تلاوت ڪري- (بهار شريعت،جلد١، حصه٣، ص٥٥٠)☆تلاوت جي شروع ۾ "اَعُوْذُ" پڙهڻ مستحب آهي ۽ سورت جي ابتداء ۾ "بِسْمِ الله" پڙهڻ سنت آهي نہ تہ مستحب آهي-(صراط الجنان،١/٢١)☆قرآن مجيد ڏسي پڙهڻ زباني پڙهڻ کان افضل آهي- (صراط الجنان،١/٢١) ★ قرآن پاڪ ڏسي تلاوت ڪرڻ تي ٻہ هزار نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ زباني پڙهڻ تي هڪ هزار-(ڪنزالعمال، ج ١،ص٢٦٠ملخصاً) ★قرآنِ ڪريم جي تلاوت وقت روئڻ مستحب آهي- (صراط الجنان ، ٥/٥٢٦) ★ جڏهن بلند آواز سان قرانِ مجيد پڙهيو وڃي تہ تمام حاضرين تي ٻڌڻ فرض آهي، جڏهن تہ اهي ماڻهو قرانِ مجيد ٻڌڻ جي غرض سان حاضر ٿيا هجن نہ تہ هڪ جو ٻڌڻ ڪافي آهي توڙي جو باقي ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هجن- (صراط الجنان،١/٢٢)★مجمعي ۾ سيئي ماڻهو بلند آواز سان پڙهن اهو حرام آهي جيڪڏهن ڪجهه شخص پڙهڻ وارا هجن تہ حڪم آهي تہ آهستہ پڙهن. (صراط الجنان،١/٢٢)★ تلاوت جي لاءِ سڀ کان افضل وقت سڄي سال ۾ رمضان شريف جا آخري ڏهہ ڏينهن ۽ ذوالحجہ جا شروعاتي ڏهہ ڏينهن آهن -(عجائب القرآن ،ص٢٣٩)☆ رات ۾ تلاوت جو بهترين وقت مغرب ۽ عشاء جي وچ وارو آهي ۽ ان کان پوءِ اڌ رات کان پوءِ ۽ ڏينهن ۾ سڀ کان بهترين صبح جو وقت آهي- (عجائب القرآن ،ص٢٣٩)☆غسل خانو ۽ نجاست جي هنڌن ۾ قرآن شريف پڙهڻ ناجائز آهي-(جنتی زيور ، ص٣٠٠) ★ جيڪو شخص غلط پڙهندو هجي تہ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ

ٻڌائي ڇڏي، بشرط هي ته ٻڌائڻ سبب ڪينو ۽ حسد پيدا نه ٿئي-(صراط الجنان،۱/۲۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَ اللّٰہ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي: ”الله جي رحمت تمام وڏي آهي“يقيناً الله پاڪ جي رحمت تمام وسيع آهي- ڪيئي آيتون ۽ حديث سڳوريون رحمتِ الٰهي جي وُسعَت ڪي بيان ڪن ٿيون- انهن مان ڪجهه آئنده هفتي بيان ڪيون وينديون- ان سان گڏوگڏ رحمت الٰهي جا ڪيئي واقعا به بيان ڪيا ويندا- يقيناً الله جي رحمت تمام وڏي آهي پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته اسان نيڪ عملن ڪان پري ۽ گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃون اهو سوچي ڪري ته الله جي رحمت تمام وڏي آهي- اهڙي سوچ ڪيتري نقصان ده ثابت ٿي سگهي ٿي ان باري ۾ به ڪجهه مدني گل پيش ڪيا ويندا- لهٰذا! **آئنده جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو:اِنْ شَآءَ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[(1)]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[(2)]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَافِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي-[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،۳۲۹/۲،حديث:۳۰

2 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3 ... تاريخ ابنِ عساكر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵